# يگانتر

اندوءَ جيءِ ٻانهن نويگ جي نشاني هئي ۽ پرٿوي انڌڪار جي جل مئيءَ ۾ ٻڏل هئي. ٿڪل ٻانهن الاجي ڪهڙيءَ ڪن ۾ دماغ کي سوچايو مري وڃي يگانتر. ڏينهن جي نوڪري رات جو هنجو رودن.

سنسي ۽ پڇتاءُ جي وچ، ماتري هردي ۾ ترارون ورايون.

هڪ رات- موڪل جي رات جڏهن اندرا ۽ سنتوش گهر ۾ هئا تڏهن سنتوش چيو "اندو مون کي اجاڻ تنهنجي هن نالي ڳولڻ جو مطلب سمجهه ۾ نه آيو."

"ٻڌنداءِ؟"

"هون."

"توهين دل ۾ ته نه ڪندا؟"

"اندو شاديءَ کان پوءِ جيترين منهنجون ڳالهيون تو دل ۾ ڪيون آهن ٻڌاءِ مون اوتريون دل ۾ ڪيون آهن؟" اندوءَ جي پيراءَ پيري ڪل شانت ڪمري جي پتين کي ڪنهن جي وانگر وڄائي ڇڏيو. "۽ مون؟ يگانتر کان پوءِ ته اصل هڪڙي ڳالهه دل ۾ نه ڪئي اٿم. ڪئي اٿم؟" سنتوش ڪليو "ها اهوئي ته مان سوچيندو آهيان ته يگانتر هيترو ننڍڙو، منجهس ڪهڙي طاقت آهي جو اسان جي غم جو زمانو اصل راهو ڪيتو وانگر دور اڇلي ڇڏيو اٿس."

"آخر توهان جهڙي ٿارزن جي شڪتي، پٽ کي نه ملندي ته ڪنهن کي ملندي؟" اندوءَ سنتوش جي مضبوط پنيءَ ٻانهن تي چپ رکي ڇڏيا.

"شايد دک جو يگ پورو ڪندڙ جو نالو ڏنو اٿيئي پٽ کي؟"

ٻانهن تي رکيل چپن مان هڪ وچ ريکا ٻنهن کي سانوڻ جي جهولي ۾ جهلائي ڇڏيو.

گهر جي ڀاهران ٻلي ءَ جي ميئُو ميئُو ميئُوٻُڌڻ ۾ ٿي آئي ته يگانتر چرڪ ڀريو. اندوءَ کيس کڻي چاتيءَ سان لائي ڇڏيو. ڪلهه ٻلي جڏهن ٻونگڙو وات ۾ کڻي اندوءَ جي گهر آئي هئي تڏهن اندوءَ جي سس ويٺي هئي. چيائين "اڙي ٻليءَ کي جلد ڪڍ، متان تنهنجي پٽ جا ڪپڙا نه اورانگهي وڃي. "اندوءَ ٺاٺمايو ته سس چيو، "هيءَ ته ٻونگڙا کڻي ست گهر گهمندي، جلدي ڪنديس ته گهر ۾ انه اچي ڏهو ڪڍي وهيئي. اندوءَ کي ٻليءَ تي رحم ٿي آيو. هڪڙيءَ چير پيل پليٽ ۾ ٿورو کير وجهي ٻليءَ کي ڏيکاريندي ٻاهر کڻي ويئي. واپس اچي سس جي اڳيان ويهندي، سندس سيني مان هڪ ٿڌو ساهه کڄي ويو. هتي هيءَ عورت نه پٽر جي مورتي ويٺل هئي نه ٻليءَ وانگر اندوءَ پنهنجو يگانتر کڻي هڪ ڏينهن سس وٽ ويئي هئي. کيس چيو هئائين "منهنجي ماءُ يگانتر کي نه ٿي ويهاري، الاجي ڇو اجان ٿائين هن جا منهنجي پسنديءَ جي شادي ڪرڻ تي خار نٿا لهن." سس خنڪيءَ سان چيو هو، "سو سمجهين ٿي تنهنجي يگانتر کي ڇا مان ويهي پاليندس؟ پٽ جا گونهن مٺ ميڙي وڏو ڪيم ته وڃي پنهنجي مرضيءَ جي ڏارڻءَ آڪهه مان شادي ڪري آيو. هاڻي هن کي نپايان. نٻلا نه. جيڪي ڄڻين سي نپائين. مون کي پنهنجون ساهيڙيون- سڏيون ستسنگ انسنگ ئي گهڻا آهن. پنهنجو من وندرايو ويٺي آهيان..... ڇڏي ڏي نه تون اها نوڪري."

"گهر جو خرچ ڪيئن هلندو؟" اندوءَ جڻ پنهنجي منهن چيو، ڳاڻي ڀڳي ته مسواڙ آهي.... ٻوءِ ڇهه نه مڙس کي ته ڪا وڏي پگهار واري نوڪري ڳولي."

"امي وڏي پگهار واري نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ته آهي پر ملي نه."

"تهڀار چو ڄڻجن؟"

در وٽ اچي رڪيو تڏهن اندوءَ اٿي در کوليو سنتوش گهر ۾ گهڙندئي کيسي مان هڪ پنو ڪڍي کڻي اندوءَ کي پڪڙايو.

اندوءَ جا ته اوسان خطا ٿي ويا ته توهان جي هاڻي رات جي ڊيوٽي ختم؟ هاءِ رام. هاڻي ڪير ويهاريندو يگانتر کي؟

ٻوٽ پاسيرو رکندي سنتوش چيو "ڪهڙيون آهن اسانجنهي جون مئڪر، پاڻ ته ست ست ٻار ڄڻيا اٿن..."

ڏاڍي ڊنل آواز ۾ اندوءَ چيو، "تڏهن سنڌ هئي. مهانگائيءَ جو وئل ڪين هو. آيئون سڀ عرب ملڪن ڏانهن لڏي ڪونه ويئون هيون..."

ٽبسٻس ڊيگهه چڏ ڪجهه ڪلئڻ لاءِ ڏي" اندوءَ کي مڙس لاءِ چانهه ناشتو تيار ڪندسي ليئن پئي لڳو ڄڻ جمنا ندي تار پيئي وهي هوءَ يگانتر کي وسديو وانگر ٽوڪري ۾ کنيون مٿي ۽ مٿي کندي پيئي وڃي.

اندوءَ جي شڪل ڏسي سنتوشہ اجهاسي ويو هو. يگانتر هيڏو منو يگانتر... ڪاش نه ڄمي ها سنتوش پٽ وٽ وڃي مٿس جهڪي کيس چمڻ لڳو. "اسان جي دکن جو انت آڻيندڙ ديوتا پٽ جو ڳرو ٿي پيو آهي اندوءَ"

اندوءَ جي اکين ۾ پاني ڇلڪڻ لڳو. آهستي چيئين "ڪوئي فڪر ناهي"

سنتوش ڪمار ٽپ ڏيئي زال جي سامهون اچي وينو. اندوءَ جي چهري تي پرنستا ۽ کنهن فيصلي جا نشان سهي ڪري اتاولائيءَ سان چيئين "ڇا سوچيو اٿيئي؟"

اندوءَ چيو، "مون پڪو فيصلو ڪيو آهي ته نوڪري ڇڏي ننڍڙنٻارن لاءِ ڪريچ کوليندس"

سنتوش ڪمار خفي ٿي ويو ”هلڪو، ٿورو وڏو ٿئي تہالمندر ڪولج، پوءِ هڪ سنڌي اسڪولبہ ڪولج اجان وڏو ٿئي تہ ڪاليجبہ تونئي ڪولي ڏجلئنس...“

”سنتوش، هي ڇا پيو چوين؟ ڇا وري رسڻ جيٻاڙ لڳي لٿئي؟ مون چيو نہ ”هاڻي يگانتر ڪان پوءِ اسان جو وڙهڻبند؟“

”پر اندو تون پنهنجون ڊگريون تہ ڏس؟“

”مون ڪي ڊگرين ڪان وڌيڪ منو آهي يگانتر. وڏي ۾ وڏي ڊگري تہ منهنجي يگانتر آهي؟“